# 98 سنتون ۽ آداب

سنڌي




شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

**محمّد الياس عطّار قادري رضوي**

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالون: 98 سنتون ۽ آداب

ڇاپو پهريون: ربيع الاول 1443 هـ اڪتوبر 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريدڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه
دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه
**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي مايہ ناز تصنيف”فيضانِ سنت“ مان ورتل مواد بنام

# 98 سنتون ۽ آداب

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**
**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

### 98 سنتون ۽ آداب


دُعاءِ عطار: ........ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........ 1
راهِ مدينہ جي مسافر”جي پندرهن اکرن جي نسبت ........ 1
سان هلڻ جون 15 سنتون ۽ آداب ........ 1
جُتي پائڻ جا 7 آداب ........ 5
”يا الله! سبز گنبد ڏيکار“ جي ارڙهن اکرن جي نسبت سان ويهڻ جا 18 مدني گل ........ 6
”مديني جي حاضري“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل ........ 9
”شانِ امام اعظم ابو حنيفہ“ جي اڻويهہ اکرن جي نسبت سان تيل لڳائڻ ۽ ڪنگهي ڪرڻ جا 19 مدني گل ........ 11
”يا رسول الله“ جي ڏهہ اکرن جي نسبت سان ننهن ڪٽڻ جا 10 مدني گل ........ 16
”سنتن ڀريو لباس پايو“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان لباس جا 17 مدني گل ........ 17

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# 98 سنتون ۽ آداب

## دُعاءِ عطار:

يا ربّ المصطفٰي! جيڪو مڪمل رسالو ”98 سنتون ۽ آداب“ ڪي پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي سنتن جو عامل بڻاءِ ۽ ان کي ۽ سندس جي اچڻ واري نسلن کي به سچو عاشقِ رسول بڻاءِ.

امين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّين صلّى الله عليه واله وسلّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي: قِيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش جي علاوه ٻي ڪا ڇانو نه هوندي، ٽي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانو ۾ هوندا. (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتي جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو. (البدور السافرة في امورالآخره للسيوطي، ص ١٣١، حديث:٣٦٦)

## راهِ مدينه جي مسافر”جي پندرهن اکرن جي نسبت سان هلڻ جون 15 سنتون ۽ آداب

❖ سيپاري 15 سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَلَا تَمْشِ فِي الْاَرْضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنْ تَخْرِقَ الْاَرْضَ وَلَنْ تَبْلُغَ الْجِبَالَ طُوْلًا ﴿٣٧﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نہ سگھندين ۽ هرگز پھاڙن جي اوچائي کي نہ پھچندين.

❖ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب "**بھار شريعت**" جلد 3 صفحي 435 تي **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: **هڪ شخص بہ چادرون پائي تڪبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گھمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ غرق ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ غرق ڪيو ويندو.**[1] ❖ سروَرِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن هلندي پنهنجي ڪنهن صحابي جو هٿ پنهنجي مبارڪ هٿ ۾ پڪڙيندا هئا.[2] ❖ رسولِ اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هلندا هئا تہ ڪجھ اڳيان طرف جھڪي هلندا هئا ڄڻ تہ پاڻ مٿانهون کان هيٺ پيا لهن.[3] ❖ گلي ۾ سون يا ڪنهن بہ ڌاتو (يعني ميٽل) جي زنجير پائي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ گلو ڪولي هرگز نہ هلو ڇو تہ هي بيوقوفن، مَغرُورن ۽ فاسِقن جي چال آهي، گلي ۾ سون جي چين يا بريسليٽ (Bracelet) پائڻ مرد جي لاءِ حرام ۽ ٻين ڌاتوئن جي بہ ناجائز آهي ❖ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نہ هجي تہ رستي جي ڪناري وچٽري چال هلو، نہ ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين تہ تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نہ ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو، اَمرَد(يعني اهڙو نوجوان ڇوڪرو جنهن جي ڏاڙهي ۽ مڇون نہ نڪتيون هجن) يا خوبصورت نوجوان ڇوڪري جو هٿ نہ پڪڙيو، شهوت سان ڪنهن بہ مرد جو هٿ پڪڙڻ يا مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) يا گلي ملڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي ❖ رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن

هوڏانهن ڏسڻ سنت ناهي، هيٺ نگاهه ڪري باوقار طريقي سان هلو. حضرت سيِّدُنا حَسَّان بن اَبي سِنان رَحمَۃُ اللہِ علیہ عيد جي نماز لاءِ ويا، جڏهن گهر موٽيا تہ گهرواريءَ چوڻ لڳي: اڄ ڪيتريون عورتون ڏٺيون؟ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ علیہ خاموش رهيا جڏهن ان گهڻو اسرار ڪيو تہ فرمايائون: " گهر مان نڪرڻ کان توهان وٽ واپس موٽڻ تائين مان پنهنجي (پيرن جي) آڱوٺن ڏانهن ئي ڏسي رهيو هئس(4) سُبْحٰنَ اللہ الله وارا رستي تان گذرندي بلا ضرورت خاص ڪري رش جي موقعي تي هيڏانهن هوڏانهن نہ ڏسندا هئا متان ائين نہ ٿئي جو شرعاً جنهن جي اجازت ناهي ان تي نظر پئجي وڃي! هي سندن رَحمَۃُ اللہِ علیہ جن جي تقويٰ هئي، شرعي مسئلو هي آهي تہ ڪنهن عورت تي اوچتو نظر پئجي وڃي ۽ يڪدم نظر ہي پاسي ڪري تہ گناهگار ناهي ❖ ڪنهن جي گهر جي صَحن (Balkony) يا دري ڏانهن بلا ضرورت نظر کڻي ڏسڻ مناسب ناهي ❖ هلڻ يا ڏاڪڻ تان لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي، اسان جي پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي جوتن جو آواز پسند نہ هو ❖ رستي تي ٻہ عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي.(5) ❖ راهہ تان هلندي بيٺي بلڪ ويٺي ٻہ ماڻهن جي سامهون ٿُڪ اڇلائڻ، نڪ صاف ڪرڻ، ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ڪن کنهڻ، بدن جو مَرُ آڱر سان صاف ڪرڻ، پردي جي جڳهہ کنهڻ وغيره تهذيب جي خلاف آهي ❖ ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيءِ سامهون آئي ان کي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا

لڪائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره کي لت هڻڻ بي ادبي بہ آهي ❖ پيادل هلڻ ۾ مثلاً گاڏين جي اَچ وَڄ تي رستو پار ڪرڻ لاءِ مُيَسّر هجي تہ "زَيبرا ڪراسنگ" يا "اَووَر هيڊ پل" (يعني رستو پار ڪرڻ واري پل) استعمال ڪيو ❖ جنهن پاسي کان گاڏيون اچي رهيون هجن ان پاسي نهاريندي رستو پار ڪيو، جيڪڏهن اوهان وچ رستي تي آهيو ۽ گاڏي اچي رهي هجي تہ ڀڄڻ کان بهتر آهي اتي بيهي رهي انهيءَ ۾ وڌيڪ حفاظت آهي، ريل گاڏي جي گذرڻ جي وقت پٽڙي تان گذرڻ پنهنجي موت کي دعوت ڏيڻ آهي ۽ ريل گاڏي کي گهٽو پري سمجهي گذرڻ وارن کي جلدي يا بي خيالي ۾ ڪنهن تار ۾ پير ڦاسڻ جي صورت ۾ مٿان کان ريل گذرڻ جي خطري کي سامهون رکڻ گهرجي ۽ ڪجهہ اهڙين جڳهن تي گذرڻ خلافِ قانون هوندو آهي خاص ڪري اسٽيشن تي، هنن قانونن تي عمل ڪيو ❖ عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت سان ڪوشش ڪري روزانو منو ڪلاڪ ذڪر ۽ درود پڙهندي پيادل هلو، صحت اِن شاءَ الله الڪريم بهتر رهندي هلڻ جو بهتر طريقو هي آهي تہ شروع ۾ 15 منٽ تيز تيز، پوءِ 15 منٽ وچٿري ۽ آخر ۾ 15 منٽ تيز قدم هلو، ائين هلڻ سان سڄي جسم کي ورزش ملندي، اِن شاءَ الله الڪريم هاضمي جو نظام درست رهندو، گيس، قبض، موٽاپ ۽ دل جي بيمارين ۽ ٻين بيشمار بيمارين کان اِن شاءَ الله الڪريم حفاظت ٿيندي.

سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪتاب "بهارِ شريعت" جلد 3 مان حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتون ۽ آداب" خريد ڪيو ۽

پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر به آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جُتي پائڻ جا 7 آداب

**فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ﴿1﴾ جتي ڪثرت سان استعمال ڪيو جو انسان ڪي جيستائين جتي پاتل هوندي آهي جڻ اهو سوار آهي (يعني ٿڪاوٽ گهٽ ٿيندي)[6] ﴿2﴾ جُتي پائڻ کان پهرين چنڊي وٺو ته جيئن ڪو جيت يا پٿري وغيره هجي ته نڪري وڃي ﴿3﴾ پهرين ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو ۽ لاهڻ وقت پهرين کابو ۽ پوءِ ساڄو. نبي پاڪ، صاحب لولاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جڏهن توهان مان ڪو جتي پائي ته ساڄي کان ابتدا ڪري ۽ جڏهن لاهي ته کابي کان ابتدا ڪرڻ گهرجي ته جيئن ساڄو پير پائڻ ۾ پهرين ۽ لاهڻ وقت آخر ۾ رهي.[7]

**نُزهَةُ القاري** ۾ آهي: مسجد ۾ **داخل** ٿيڻ وقت حڪم هي آهي ته پهرين ساڄو پير مسجد ۾ رکي ۽ جڏهن مسجد کان نڪري ته پهرين کابو پير ٻاهر ڪڍي، مسجد ۾ داخل ٿيڻ وقت ان (جتي پائڻ جي ترتيب واري) حديث تي عمل دشوار آهي. **اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن ان جو حل هن طرح ارشاد فرمايو:

جڏهن مسجد ۾ داخل ٿيو تہ پهرين کابو پير ڪڍي ڪري جُتي جي مٿان رکي پوءِ ساڄو پير جُتي مان ڪڍي مسجد ۾ داخل ٿئي، ۽ جڏهن مسجد کان ٻاهر ٿيو تہ کابو پير ٻاهر ڪڍي جتي تي رکو پوءِ ساڄو پير ڪڍي ڪري ساڄو جوتو پايو پوءِ کابو پائي ونو.[8] امام ابن جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو انسان هميشہ جوتا پائڻ وقت ساڄي پير مان ۽ لاهڻ وقت کاٻي پير مان لاهي تہ اهو تري جي بيماري کان محفوظ رهندو.[9] ﴿4﴾ مرد مرداڻو ۽ عورت زنانو جوتو استعمال ڪري ﴿5﴾ ڪنهن حضرت سيِّدتُنَا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جن کي عرض ڪيو: هڪ عورت (مردن جيان) جوتا پائيندي آهي، انهن فرمايو: رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مرداڻي عورت تي لعنت فرمائي آهي. [10] يعني عورتن کي مرداڻا جوتا نہ پائڻ کپن. بلڪ اُهي تمام ڳالهيون جن ۾ مردن ۽ عورتن ۾ امتياز ٿيندو آهي انهن ۾ هر هڪ کي ٻين جي وضع قطع اختيار ڪرڻ (يعني نقل ڪرڻ) جي ممانعت آهي، نہ مرد عورت جي وضع اختيار ڪري نہ عورت مرد جي.[11] ﴿6﴾ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ڇڏيو جو ان سان پيرن کي آرام ملندو. ﴿7﴾ (تنگدستي جو هڪ سبب هي بہ آهي تہ) اونڌي جوتي کي ڏسو ۽ ان کي سڌو نہ ڪرڻ. ”

## ”يا الله! سبز گنبد ڏيڪار“ جي ارڙهن اکرن جي نسبت سان ويهڻ جا 18 مدني گل

❖ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪي ماڻهو دير تائين ڪنهن جڳهہ وينا ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جو ذِڪر ۽ نبيءِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهڻ کانسواءِ اُٿان اُٿي ويا انهن نقصان ڪيو جيڪڏهن الله

عَزَّوَجَلَّ چاهي تہ عذاب ڏي ۽ چاهي تہ بخشي ڇڏي.[12] ❖ حضرتِ سيّدنا ابنِ عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا تہ مون سيّدالْمُرسَلِين، خاتَمُ النَّبِيِين، جنابِ رَحْمَةَ لِلعٰلَمِين صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪعبي شريف جي اڱڻ ۾ اِحْتِبا جي صورت ۾ تشريف فرما ڏٺو.[13] اِحْتِبا جو مطلب هي آهي تہ ماٺهو ڏڍن ڀر (يعني ويهڻ واري جڳهہ تي) ويهي ۽ پنهنجي ٻنهي ڀنين کي ٻنهي ٻانهن سان ڪڙو ناهي جهلي. اهڙي طرح ويهڻ تواضع (يعني عاجزي و انڪساري) ۾ شمار ٿئي ٿو.[14] ❖ انهيءَ دوران بلڪ جڏهن بہ ويهو پردي جي جاين جي ويهڪ ۽ ڪيفيت نظر نہ اچڻ گهرجي، تنهن ڪري "پردي ۾ پردي" جي لاءِ گوڏن کان پيرن تائين چادر وڌي وجي جيڪڏهن ڪُڙتو سنت مطابق هجي تہ ان جي دامن سان بہ "پردي ۾ پردو" ڪري سگهجي ٿو ❖ حُضور اڪرم، نور مُجَسَّم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن فجر جي نماز پڙهي وٺندا هئا تہ پلٽي هٽي ويهي رهندا هئا ايستائين جو سج چڱي طرح اُڀري ويندو هو.[15] ❖ جامع ڪراماتِ اولياء جلد اول جي صفحي 67 تي آهي: امام يوسف نبهاني قُدِّسَ سِرُّهُ النُّورانِي جي بہ زانو (يعني گوڏا ڀچي جيئن نماز ۾ اَلتَّحيات ۾ ويهبو آهي ائين) ويهڻ جي عادت مبارڪ هئي ❖ نماز کان ٻاهر بہ بہ گوڏا ڀچي ويهڻ افضل آهي.[16] سرورِ ڪائنات، شاهِ مَوجودات صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عام طور تي قبلي جي طرف منهن مبارڪ ڪري ويهندا هئا.[17] ❖ حضرتِ سيّدنا عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا اڪثر قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهندا هئا.[18] ❖ مبلغ ۽ مدرس جي لاءِ بيان ۽ تدريس دوران سنّت هي آهي تہ پُٺ قبلي جي طرف رکن تہ جيئن انهن کان علم جون ڳالهيون ٻڌڻ وارن جو رخ قبلي جي طرف ٿي سگهي. جيئن تہ حضرتِ سيّدنا

علامہ حافظ سخاوي عَلَيه رَحمةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: نبيءِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبلي ڏانھن ان ڪري پُٺ فرمائيندا ھئا جو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ڪي علم سيکاري رھيا آھن يا وعظ فرمائي رھيا آھن انھن جو رخ قبلي جي طرف رھي.[19] ❖ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏھن ڪنھن بہ مجلس ۾ ڪنھن جي طرف پير ڦھلائي نہ ويھندا ھئا نہ اولاد جي طرف، نہ پاڪ گھروارين جي طرف، نہ غلامن خادمن جي طرف.[20] ❖ حضرتِ سيّدنا امامِ اعظم ابوحنيفہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ڪڏھن بہ پنھنجي محترم استاد حضرتِ سيّدنا حمّاد عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الجواد جي احترام ۽ اڪرام وچان سندن گھر ڏانھن پير نہ ڊگھيڙيا، جڏھن تہ استاد صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گھر مبارڪ ۽ منھنجي گھر ۾ ڪجھہ گھٽين جو فاصلو ھو.[21] ❖ اچڻ واري جي لاءِ سِرڪڻ حديث مان ثابت آھي. بهار شريعت جلد 3 صفحو 432 تي حديث نمبر 6 آھي: ھڪ شخص رسولُ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن مسجد ۾ تشريف فرما ھئا، حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جن ان شخص جي لاءِ پنھنجي جاءِ تان سرڪيا، ھن عرض ڪيو: يا رسول الله (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڪُشادي جڳھہ موجود آھي (يعني حضور اوھان کي سرڪڻ ۽ تڪليف ڪرڻ جي ضرورت ناھي) ارشاد فرمايائون: مسلمان جو اھو حق آھي تہ جڏھن ان جو ڀاءُ ڪيس ڏسي تہ ان جي لاءِ سرڪي وڃي.[22] ❖ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آھي: ”جڏھن توھان مان ڪو ڇانوَ ۾ ھجي ۽ ان تان ڇانوَ ھٽي وڃي ۽ اھو ڪجھہ (اُس) ڪجھہ ڇانو ۾ ھجي تہ ان کي گھرجي تہ اُتان ڪان اُٿي وڃي.“[23] ❖ منھنجا آقا اعليٰ حضرت، مولانا شاھہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: پِير ۽ استاد جي نشست

(يعني ويهڻ جي جاءِ) تي انهن جي غير موجودگي ۾ به نه ويهي.[24]
❖ جڏهن ڪنهن اجتماع يا مجلس ۾ اچو ته ماڻهن کي اورانگي اڳتي نه وڃو جتي جڳهه ملي اُتي ئي ويهي رهو ❖ جڏهن ويهو ته جوتا لاهي ڇڏيو، اوهان جي پيرن کي آرام ملندو.[25] ❖ مجلس کان فارغ ٿي هي دعا ٽي دفعا پڙهو ته خطائون مٽائيون وينديون آهن ۽ جيڪو اسلامي ڀاءُ مجلسِ خير ۽ مجلسِ ذڪر ۾ پڙهي ته ان جي لاءِ اُن خير (يعني ڀلائي) تي مُهر لڳائي ويندي آهي . اها دعا هي آهي: سُبْحٰنَکَ اللّٰھُمَّ وَبِحَمْدِ کَ لَا اِلٰهَ اِلَّا اَنْتَ اَسْتَغْفِرُکَ وَاَتُوْبُ اِلَيْکَ ترجمو: تنهجي ذات پاڪ آهي ۽ اي الله عَزَّوَجَلَّ ! تنهجي لاءِ ئي تمام خوبيون آهن، توکان سواءِ ڪو معبود ناهي، توکان بخشش چاهيان ٿو، ۽ تنهجي طرف توبهه ڪريان ٿو.[26]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ”مديني جي حاضري“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا 12 مدني گل

﴿1﴾ جڏهن گهران ٻاهر نڪرو ته هي دعا پڙهو: ”بِسْمِ اللهِ تَوَکَّلْتُ عَلَی اللهِ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ“ ترجمو: الله جي نالي سان، مون الله پاڪ تي ڀروسو ڪيو. الله پاڪ کان سواءِ نه قوت آهي ۽ نه طاقت آهي.[27] اِنْ شَآءَ الله الڪريم انهيءَ دعا کي پڙهڻ جي برڪت سان سڌي واٽ تي رهندؤ مصيبتن کان حفاظت ٿيندي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي مدد شاملِ حال رهندي ﴿2﴾ گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا: اَللّٰھُمَّ اِنِّيْۤ اَسْئَلُکَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَخَيْرَ الْمَخْرَجِ بِسْمِ اللهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللهِ خَرَجْنَا وَعَلَی اللهِ رَبِّنَا تَوَکَّلْنَا۔[28] ترجمو: اي الله پاڪ! آئون تو کان داخل ٿيڻ ۽ نڪرڻ جي ڀلائي گهران ٿو، الله پاڪ جي نالي سان اسان (گهر۾) داخل

ٿياسين ۽ انهي جي نالي سان ٻاهر آياسين ۽ پنهنجي پالڻهار الله پاڪ تي اسان ڀروسو ڪيو) دعا پڙهڻ ڪانپوءِ گھر وارن کي سلام ڪري پوءِ بارگاهِ رسالت ۾ سلام عرض ڪري ان کان پوءِ ”سوره اِخلاص“ شريف پڙهي. انشآءالله الڪريم روزي ۾ برڪت، ۽ گهرو جهيڙن کان بچاءُ ٿيندو. ﴿3﴾ پنهنجي گهر ۾ ايندي ويندي مَحارِم ۽ مَحرمات (مثال طور ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ٻارن ٻچن وغيره) کي سلام ڪريو ﴿4﴾ بنا الله پاڪ جو نالو وٺڻ جي مثال طور بِسۡمِ اللهِ چوڻ بنا جيڪو پنهنجي گهر ۾ داخل ٿيندو آهي، شيطان به اُن سان گڏ داخل ٿي ويندو آهي ﴿5﴾ جيڪڏهن اهڙي گهر (ڪٿي پنهنجي خالي گهر) ۾ وڃڻ ٿئي جو اُن ۾ ڪو به نه هجي ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡنَا وَعَلٰى عِبَادِ اللهِ الصّٰلِحِيۡن (يعني اسان تي ۽ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهن تي سلام) ملائڪ انهي سلام جو جواب ڏيندا. [29] يا هن ريت چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكَ اَيُّـهَاالنَّبِيُّ (يعني يا نبي توهان تي سلام) ڇوته حضور اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾ تشريف فرما هوندو آهي. [30] ﴿6﴾ جڏهن ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيڻ چاهيو ته هيئن چئو: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُم ڇا مان اندر اچي سگهان ٿو؟ ﴿7﴾ جيڪڏهن داخل ٿيڻ جي اجازت نه ملي ته خوشي سان موٽي وڃو، ٿي سگهي ٿو ڪنهن مجبوري جي ڪري گهر جي مالڪ اجازت نه ڏني هجي ﴿8﴾ جڏهن ڪو توهان جي گهر جو دروازو کڙڪائي ته سنت اها آهي ته پڇو: ڪير آهي؟ ٻاهران واري کي گهرجي ته پنهنجو نالو ٻڌائي: مثال طور چوي: ”محمد الياس“ نالو ٻڌائڻ جي بدران انهيءَ موقعي تي ”مدينه!“ ”آئون آهيان!“ ”دروازو کوليو“ وغيره چوڻ سنّت ناهي ﴿9﴾ جواب ۾ نالو ٻڌائڻ کان پوءِ دروازي کان هٽي بيهو ته جيئن دروازو کلندي ئي

گھر ۾ نظر نہ پوي ﴿10﴾ ڪنهن جي گھر ۾ جهاتي پائي ڏسڻ منع آهي. ڪجھ ماڻهن جي گھرن جي سامهون هينئين پاسي ٻين جا گھر هوندا آهن تنهنڪري بالڪوني وغيره مان جهانڪڻ وقت ان ڳالھ جو خيال رکڻ گھرجي جو انهن جي گھرن ۾ نظر نہ پوي ﴿11﴾ ڪنهن جي گھر وڃو تہ اُتان جي انتظامات تي بي جا تنقيد نہ ڪريو ان سان اُن جي دل آزاري ٿي سگھي ٿي ﴿12﴾ واپسيءَ تي گھروارن جي باري ۾ دعا بہ ڪريو ۽ شڪريو بہ ادا ڪريو ۽ سلام بہ ۽ ٿي سگھي تہ ڪو سنتن ڀريو رسالو وغيره تحفي ۾ پيش ڪريو.

## ”شانِ امام اعظم ابو حنيف“ جي اٺويھ اکرن جي نسبت سان تيل لڳائڻ ۽ ڪنگھي ڪرڻ جا 19 مدني گل

(1) حضرت سيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ الله جا محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم متي مبارڪ ۾ اڪثر تيل لڳائيندا ۽ ڏاڙهي ۾ ڪنگھي ڪندا هئا ۽ اڪثر متي مبارڪ تي ڪپڙو(سربند شريف) رکندا هئا ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان تَر ٿي ويندو هو.[31] خبر پئي ”سَر بَند“ جو استعمال سنّت آهي، اسلامي ڀائرن کي گھرجي جڏهن بہ متي تي تيل لڳائن، هڪ ننڍو ڪپڙو متي تي ٻڌي ڇڏين، ائين اِن شَآءَ الله ٽوپي ۽ عمامو تيل کان محفوظ رهندا. اَلْحَمْدُلله سگِ مدينہ عُفِيَ عنہ جو سالن کان ”سر بند“ ٻَڌڻ جو معمول آهي. اعليٰ حضرت فرمائن ٿا:

تيل کی بوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضا　　صبحِ عارِض پہ لٹاتے ہیں ستارے گیسو [32]

(2) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن جا وار هجن اهو ان جو اِحترام ڪري.**[33] يعني انهن کي ڌوئي، تيل لڳائي ڪنگهي ڪري.[34] مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار صابڻ وغيره سان ڌوئڻ جنهن جو معمول نہ آهي انهن جي وَارن ۾ اڪثر ڏپ ٿي ويندي آهي پاڻ کي جيتوڻيڪ ڏپ نہ ايندي هجي پر ٻين کي ايندي آهي. وات، بدن ۽ لباس وغيره مان ڏپ ايندي هجي تہ انهيءَ حال ۾ مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي جو هن سان ماڻهن ۽ ملائڪن کي ايذاء ٿيندو آهي، ها ڏپ لڪيل هجي جيئن بغل جي ڏپ وغيره تہ انهيءَ ۾ حرج ناهي (3) **حضرت سيِّدُنا نافِع** رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ **کان روايت آهي: حضرت سيِّدُنا ابن عمر** رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا **ڏينهن ۾ ٻہ ڀيرا تيل لڳائيندا هئا.**[35] وارن ۾ تيل جو گهڻو استعمال خاص ڪري عِلم وارن لاءِ مفيد آهي جو هن سان مٿي ۾ خشڪي ناهي ٿيندي، دماغ تَر ۽ حافظو قوي ٿيندو آهي (4) **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **"جڏهن اوهان مان ڪو مٿي تي تيل لڳائي تہ ڀِرون کان شروع ڪري، ائين ڪرڻ سان مٿي جو سور ختم ٿئي ٿو"**[36] (5) **مڪي مدني مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جڏهن تيل استعمال فرمائيندا هئا تہ پهرين پنهنجي کابي تري تي تيل وجهندا هئا، پوءِ ٻنهي ڀِرون تي، پوءِ ٻنهي اکين تي ۽ پوءِ مٿي مبارڪ تي لڳائيندا هئا.**[37] (6) **"طَبَراني"** جي روايت ۾ آهي: سرڪار نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جڏهن ڏاڙهي مبارڪ کي تيل لڳائيندا هئا تہ "عَنفَقَہ"** (يعني چپ ۽ ٺاڙي جي وچ

واري وارن) کان ابتداء ڪندا هئا.[38] (7) ڏاڙهي ۾ ڪنگهي ڪرڻ سنت آهي.[39] (8) بغير بِسمِ الله پڙهڻ جي تيل لڳائڻ ۽ وَارن کي خشڪ ۽ وکريل رکڻ خلافِ سنت آهي (9) حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن بغير بِسمِ الله پڙهي تيل لڳايو تہ 70 شيطان ان ۾ شريڪ ٿي ويندا آهن.[40] (10) حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نقل ڪن ٿا، حضرت سيِّدُنا ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: هڪ دفعي مؤمن جي شيطان ۽ ڪافر جي شيطان ۾ ملاقات ٿي، ڪافر جو شيطان ٿلهو متارو ۽ سٺي لباس ۾ هو، جڏهن تہ مؤمن جو شيطان سُڪل هو ۽ وار وِکريل هئا ۽ اگهاڙو هو، ڪافر جي شيطان مؤمن جي شيطان کان پڇا ڪئي: آخر تون ايترو ڪمزور ڇو آهين؟ ان جواب ڏنو: مان هڪ اهڙي شخص سان گڏ آهيان جيڪو ڪائڻ پيئڻ وقت بسم الله شريف پڙهندو آهي تہ مان بکايل رهجي ويندو آهيان جڏهن تيل لڳائيندو آهي تہ بسم الله پڙهندو آهي تہ منهنجا وار وِکريل رهجي ويندا آهن، ان تي ڪافر جي شيطان چيو: مان اهڙي شخص سان گڏ آهيان جيڪو انهن ڪمن مان ڪو بہ ڪم نٿو ڪري، تنهنڪري مان ان سان ڪائڻ پيئڻ، لباس ۽ تيل لڳائڻ ۾ شريڪ ٿي ويندو آهيان.[41] (11) تيل لڳائڻ کان پهرين بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي شيشي وغيره سان کابي هٿ جي تري ۾ ٿورو تيل وجهو پوءِ پهرين ساڄي اک جي ڀِرُون تي تيل لڳايو پوءِ کابي تي، ان کان پوءِ ساڄي اک جي پنبڻن تي پوءِ

ڪابي تي، پوءِ مٿي تي تيل لڳايو، ۽ ڏاڙهي ۾ تيل لڳايو تہ چپ ۽ ڇاڙي جي وچ واري وارن کان شروع ڪيو (12) سَرنهن جو تيل لڳائڻ وارو جڏهن ٽوپي يا عمامو لاهيندو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ڏپ ايندي آهي جنهن کان ٿي سگهي تہ اهو مٿي تي سنو خوشبودار تيل لڳائي، خوشبودار تيل ٺاهڻ جو آسان طريقو هي بہ آهي تہ ڪُوپري جي تيل ۾ پنهنجي پسند جي عطر جا ڪجھ ڦُڙا وجهي ملايو، خوشبودار تيل تيار آهي، ۽ وارن ۽ ڏاڙهي کي وقت بوقت صابڻ سان ڌوئيندا رهو (13) عورتن کي لازم آهي تہ ڪنگهي ڪرڻ يا وار ڌوئڻ ۾ جيڪي وار جدا ٿين انهن کي ڪٿي لڪائي ڇڏين جو انهن تي ڪنهن ڌارئي (يعني اهو شخص جنهن سان هميشہ لاءِ نڪاح حرام نہ هجي) جي نظر نہ پوي .[42] (14)**خاتَمُ المُرسلين، رَحمَة للعٰلمِين** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم روزانو ڦڻيءَ ڪرڻ کان منع فرمايو.[43] اها منع مڪروھ تَنزِيهي آهي ۽ مقصد اهو تہ مرد سينگار ۾ مشغول نہ رهڻ گهرجي.[44] امام مناوي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: جنهن شخص کي وارن جي ڪثرت سبب ضرورت هجي اهو روزانو ڦڻي ڪري سگهي ٿو.[45]

❖ بارگاهِ رضويت ۾ ٿيندڙ سوال جواب ملاحظہ فرمايو: **سوال:** ڦڻيءَ ڏاڙهي ۾ ڪنهن ڪنهن وقت ڪئي وڃي؟ **جواب:** ڦڻيءَ لاءِ شريعت ۾ ڪو خاص وقت مقرر ناهي اِعتِدال (يعني وچٿرائي) جو حڪم آهي، نہ هي تہ ماڻهو جِنن جهڙي شڪل ٺاهي وينو رهي، نہ هي جو هر وقت وارن ۾ لڳو رهي.[46] (16) ڦڻيءَ

ڪرڻ مهل ساڄي پاسي کان ابتدا ڪيو، اُمُّ المُومِنِين حضرت سيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هر ڪم ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ پسند فرمائيندا هئا، ايستائين جو جوتا پائڻ، ڦڻي ڪرڻ ۽ طهارت ڪرڻ ۾ به(47) شارِح بخاري حضرت علامہ بَدرُالدّين عَيني حنفي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هن حديث شريف جي حوالي سان فرمائن ٿا: اهي ٽي شيون مثال جي طور فرمايون، نہ تہ هر اهو ڪم جيڪو عزت ۽ بزرگي وارو آهي اهو ساڄي طرف کان شروع ڪرڻ مُستَحب آهي، جيئن مسجد ۾ داخل ٿيڻ، لباس پائڻ، مِسواڪ ڪرڻ، سُرمو پائڻ، ننهن ڪٽڻ، مڇون ڪٽڻ، بغلن جا وار لاهڻ، وضوء، غسل ڪرڻ ۽ بيت الخلاء مان ٻاهر نڪرڻ وغيره ۽ جنهن ڪم ۾ اها (بزرگي واري) ڳالهہ نہ آهي جيئن مسجد مان ٻاهر نڪرڻ، بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ، نڪ صاف ڪرڻ، شلوار ۽ ڪپڙا لاهڻ وقت کاٻي طرف کان ابتدا ڪرڻ مُستَحب آهي.(48) (17) جمعي نماز لاءِ تيل ۽ خوشبو لڳائڻ مستحب آهي(49) (18) روزي جي حالت ۾ ڏاڙهي، مڇن کي تيل لڳائڻ مڪروهہ نہ آهي پر ان لاءِ تيل لڳايو جو ڏاڙهي وڌي وڃي، جڏهن تہ هڪ مُٺ ڏاڙهي آهي تہ بغير روزي جي بہ مڪروهہ آهي ۽ روزي ۾ بدرجہ اوليٰ.(50) (19) ميّت جي ڏاڙهي يا وارن ۾ ڦڻيء ڪرڻ، ناجائز ۽ گناهہ آهي.(45) ماڻهو ميت جي ڏاڙهي ڪوڙي ڇڏيندا آهن هي بہ ناجائز

۽ گناهه آهي. گناهه ميت تي ناهي بلڪ ڪوڙڻ ۽ هن جو حڪم ڏيڻ وارن تي آهي.

## ”يا رسول الله“ جي ڏه اکرن جي نسبت سان ننهن ڪٽڻ جا 10 مدني گل

﴿1﴾ جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهن. ها جيڪڏهن وڌي ويا هجن ته جمعي جو انتظار نه ڪريو.[52] روايت ۾ آهي: جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله پاڪ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهه ڏينهن تائين. هڪ روايت ۾ هي به آهي ته جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي ته رحمت نازل ٿيندي ۽ گناهه ڇڻندا.[53] ﴿2﴾ روايت ۾ آيل هٿن جا ننهن ڪٽڻ جي منقول طريقي جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار ڇيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کاٻي هٿ جي ڇيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي.[54] ﴿3﴾ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي ڇيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کاٻي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري ڇيچ سميت ننهن ڪٽيو.[55] ﴿4﴾ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض ٿيڻ جي صورت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهه آهي.[56] ﴿5﴾ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهه(تنزيهي) آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري

ٽيڻ جو انديشو آهي.[57] ﴿6﴾ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اجلائي ڇڏيو تہ بہ حرج ناهي.[58] ﴿7﴾ ڪٽيل ننهن بيتُ الخلا يا غسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروه (تنزيهي) آهي، جو ان سان بيماري پيدا ٿئي ٿي.[59] ﴿8﴾ اربع جي ڏينهن نُنهن نہ ڪٽڻ گهرجن، ڇوتہ ڪوڙهہ جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي البت جيڪڏهن اوڻيتاليهہ ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا، اڄ اربع چاليهون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نہ ڪٽيا تہ چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا ۽ ايڪيتاليهون ڏينهن شروع ٿي ويندو تہ اُن تي واجب ٿيندو تہ اڄوڪي ئي ڏينهن ڪٽي ان ڪري جو چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروه تحريمي آهي. (تفصيلي معلومات جي لاءِ فتاويٰ رضويہ مُخرّجہ جلد 22 صفحو 574، 685 ملاحظ فرمايو) ﴿9﴾ ڊگها ننهن شيطان جي نشست گاهہ آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي.[60] ﴿10﴾ رات جو ننهن ڪٽڻ ۾ حرج ناهي. حڪايت: امام يوسف کان هارون رشيد رات جو ننهن ڪٽڻ جي باري ۾ پڇيو. فرمايو: جائز آهي. هارون رشيد چيو اُن تي ڪهڙي دليل آهي؟ فرمايائون: حديثِ پاڪ ۾ آهي: ڀلائي جي ڪمن ۾ دير نہ ڪئي وڃي.[61]

## ”سنتن ڀريو لباس پايو“ جي سترهن اکرن جي نسبت سان لباس جا 17 مدني گل

**ٽي فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ❖ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي تہ بِسْمِ اللهِ

چوي.(62) حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله پاڪ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو ته جيئن جنّ ان (شرمگاهه) کي ڏسي نه سگهن.(63) (2) جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ كَسَانِیْ هٰذَا وَرَزَقَنِیْهِ مِنْ غَیْرِ حَوْلٍ مِّنِّیْ وَلَا قُوَّةٍ[1] ته ان جا اڳيان پويان گناهه معاف ٿي ويندا.(64) (3) جيڪو قدرت باوجود سنا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله پاڪ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو.(65) (4) مالدار اگر الله پاڪ جي نعمت جي اظهار جي نيت سان شرعي خرابي کان پاڪ عمده لباس پائي ته ثواب جو حقدار آهي. (5) سرڪارِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو.(66) (6) فرمانِ مصطفيٰ:"سيني مان سنا ڪپڙا اهي آهن جن کي پائي توهان خدا جي زيارت قبرن ۽ مسجدن ۾ ڪيو، سفيد آهن."(66) يعني سفيد ڪپڙن ۾ نماز پڙهڻ ۽ مُردا ڪفنائڻ سنو آهي.(68) (7) امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:"جيڪو پنهنجو لباس صاف سٿرو رکي اُن جا غم گهٽ ٿي ويندا ۽ جيڪا خوشبو لڳائيندو ان جي عقل ۾ اضافو ٿيندو.(69) (8) لباس حلال ڪمائي مان هجي

---

[1] تمام تعريفون الله جي لاءِ جنهن مونکي هي ڪپڙو پارايو ۽ منهنجي طاقت ۽ قوت بغير مونکي عطا فرمايو

۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي [70] (9) روايت ۾ آهي: جنهن ويهي ڪري عمامو ٻڌو، يا بيهي ڪري سَراوِيل (يعني پاجامو يا شلوار) پاتي تہ الله پاڪ ان کي اهڙي مرض ۾ مبتلا فرمائيندو جنهن جي دوا ناهي. [71] حضرت سيّدُنا امام بُرهانُ الدين زَرْنُوجي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: عمامو ٻڌڻ يا پاجامو يا شلوار بيهي بيهي ٻڌڻ تنگدستي جي اسباب مان آهي. [72] (10) پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو تہ پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ [73] (11) اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو تہ ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو (12) ”بهار شريعت“ جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي تہ دامن جي ڊيگهہ اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهہ وڌ مان وڌ آڱرين جي پُورن تائين ۽ ويڪر هڪ بالشت هجي [74] (13) سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي [75]

(14) مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي. ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ بہ هن ڳالهہ جو لحاظ رکو(نہ تہ پارائڻ وارا گنهگار ٿيندا) ها جيڪو لباس مرد ۽ عورت ۽ ٻار ۽ ٻارڙي ٻنهي کي پارايو ويندو هجي ۽ ان ۾ ڪا شرعي خرابي نہ هجي تہ ٻنهي

ڪي پارائي سگهو ٿا.(15) ”بهار شريعت“ جلد 1 صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ ڌُن کان هيٺ گوڏن جي هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هجڻ فرض آهي، ڌُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. [76] هن زماني ۾ ڪئي اهڙا آهن جيڪي تهبند (گوڏ) ائين پائيندا آهن جو پيڙو (يعني ڌُن جي هيٺ) جو ڪجھ حصو کليل رهندو آهي جيڪڏهن ڪُرتي وغيره سان اهڙي طرح ڍڪيل هجي جو جِلد (يعني کل) جي رنگت نہ چمڪي تہ خير آهي، نہ تہ حرام آهي ۽ نماز ۾ چوٿائي برابر کليل رهي تہ نماز نہ ٿيندي. [77] اِحرام وارن کي هن ۾ سخت احتياط جي ضرورت آهي (16) اڄڪلھ ڪجھ ماڻهو سرعام ماڻهن جي سامهون نيڪر (هاف پينٽ) پائي گهمندا آهن جنهن سان انهن جا گوڏا ۽ رانون نظر اينديون آهن هي حرام آهي، اهڙن جي کليل گوڏن ۽ رانن ڏانهن ڏسڻ بہ حرام آهي، بالخصوص راند روند جي ميدان، ورزش جي جڳهن ۽ سمنڊ جي ڪناري تي اهڙا منظر گهڻا هوندا آهن. تنهنڪري اهڙن جڳهن تي وڃڻ لاءِ سخت احتياط ضروري آهي (17) تڪبّر جي طور جيڪو لباس هجي اهو ممنوع آهي. [78]

(1) مسلم، ص1156، حديث:2088۔ (2) معجم کبير، 7/277، حديث:7132۔ (3) الشمائل المحمدية للترمذی، ص87، رقم:118۔ (4) کتاب الورع مع موسوعہ ابن ابی الدنيا، 1/205۔ (5) ابوداود، 4/470، حديث: 5273۔ (6) مسلم، ص1161، حديث:2096۔ (7) بخاری، 4/65، حديث:5855 ۔ (8) نزہۃ القاری، 5/530۔ (9) حياة

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "مدني قافلن" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ









عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net